# ٻارن لاءِ بائبل

## تحفو



# داني ايل ۽ شيهن جي غار


لکيل ٻاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Jonathan Hay
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Mary-Anne S.

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan



ڇاهيل ٻاران: Bible for Children
www.M1914.org



©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي، جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.




دارا بابل جو نئون بادشاهه هو. هو هوشيار هو ۽ هن پنهنجي سلطنت ۾ هڪ سئو ويهه بهترين ماڻهن کي پنهنجي بادشاهت ۾ مدد ڏيڻ لاءِ چونڊيو. پوءِ هو انهن مان ٽنهن کي انتظام ڪاري کي سنڀالڻ لاءِ وٺي ويو.
داني ايل انهن ٽن ماڻهن مان هڪڙو هو.



دارا بادشاهه داني ايل جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو، هن ڪيس سڄي سلطنت جو حاڪم بڻائڻ جو سوچيو.



3

ٻيا اڳواڻ حسد ڪندا هئا. اهي داني ايل ۾ ڪجهه غلطيون ڳولڻ جو ارادو ڪن ٿا ته جيئن اهي داني ايل کي بادشاه جي نظرن کان ڪراي سگهن.



4

انهي سان ڪو فرق ناهي ته انهن ڪيئن ڪوشش ڪئي، انهي اڳواڻن داني ايل ۾ ڪجھ به غلط نه ڳولي سگهيا. داني ايل بادشاهه سان سندس سڀني معاملن ۾ سچو هو. ان سان گڏ، هو محتاط ۽ هوشيار هو، ۽ هميشه اهو سڀ ڪجهه ڪيو جيڪا هوبهترطور ڪري سگهي.



5

حسد ڪندڙ اڳواڻن کي خبر هئي ته داني ايل سان معاملو ڪرڻ جو صرف هڪ طريقو هو. انهن کي خبر هئي ته زمين تي ڪجھ به نه هو جيڪو انهن کي بني اسرائيل جي خُدا جي عبادت ڪرڻ کان روڪيندو.



6

داني ايل جي دشمنن هڪ منصوبي جو سوچيو. هنن بادشاهه لاءِ نئون قانون ٺاهيو. قانون چيو ته هر ڪنهن کي رڳو بادشاهه دارا لاء دعا ڪرڻ گهرجي. جيڪو به نافرماني ڪندو ان کي شينهن جي غار ۾ اڇلايو ويندو.




7

بادشاهه دارا نئين قانون تي دستخط ڪيو.



8





نئين قانون سازي داني ايل تي ڪو
به فرق نه ڪيو. هن اهوئي ڪيو
جيڪو هن هميشه ڪيوهو. هن
پنهنجي ڪليل دري ڪولي ڏينهن ۾ ٽي
پيرا گوڏن پر ڪري آسمان جي خُدا
کي دعا ڪئي.

9



حسد ڪندڙ سردار تڪڙ ۾ اچي بادشاهه
کي ٻڌايو. دارا بادشاهه
داني ايل کي گرفتار
ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو
رستو نه هو. قانون جي
پاسداري ٿيڻ گهرجي
ها. داني ايل کي مرڻو
هو. بادشاهه ڏاڍي
ڪوشش ڪئي، پر قانون
کي تبديل ڪرڻ جي ڪا به
واٽ نه ملي سگهي.

10

داني ايل کي شينهن جي غار ۾ مرڻ جي سزا ڏني وئي. داني
ايل کي بکايل شينهن ڏانهن اڇلايو ويو ان کان اڳ جو بادشاهه
دارا کيس چيو، "توهان جو خُدا جنهن جي تو هميشه عبادت
ڪئي آهي، توهان کي بچائيندو."



11

ان رات بادشاهه کي ننڊ نه آئي. ٻئي ڏينهن صبح جو
سوير ئي هو شينهن جي غار وٽ پهتو.



12

دارا بادشاهه داني ايل کي
مخاطب ٿي چيو، "اي داني
ايل، زندهه خُدا جا خادم،
ڇا تنهنجو خُدا، جنهن جي
تون هميشه عبادت ڪرين
ٿو، تنهن توکي شينهن
کان ڇوٽڪارو ڏياري
سگهيو؟" هن کي شايد
جواب جي اميد نه هئي. پر
داني ايل جواب ڏنو!



13



داني ايل وراڻيو
تہ "منهنجي خُدا
پنهنجو ملائڪ موڪليو ۽
شينهن جا وات بند ڪري ڇڏيا، پر
انهن مون کي ڪو نقصان نہ
پهچايو، ڇالاءِ جو آءٌ هن
جي نظر ۾ بيگناه
آهيان ۽ مون
تنهنجي نظر
۾ ڪو گناه
نہ ڪيو آهي،
اي بادشاه."

14

بادشاهه دارا خوش ٿيو! هن داني ايل کي غار
مان ٻاهر ڪڍڻ جو حڪم ڏنو.



15

بادشاهه ڄاڻي ٿو ته خُدا داني
ايل کي بچايو هو ۽ داني ايل
جا دشمن خُدا جا دشمن هئا.
هن هڪ حڪم ڏنو، ۽ جن
هن کي بچڙي قانون تي
دستخط ڪرڻ لاء
ٺڳيو هو، انهن کي
شينهن جي غار ۾
اڇلايو ويو. شينهن
کين کائي ويا.



16

دارا بادشاهه داني ايل کي ٻڌائڻ چاهيندو هو ته آسمان جي خُدا
پنهنجي وفادار خادم داني ايل جي حفاظت ڪئي هئي. بادشاهه
هڪ خط لکي سيني کي حڪم ڏنو ته زندهه خُدا جي عبادت
ڪريو. ۽ بادشاهه داني ايل کي عزت ۽ اڳواڻي ۾ بحال ڪيو.



17

داني ايل ۽ شينهن جي غار

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

داني ايلء

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

18




34

60

19

هيء ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيو۽ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاء مري ويو۽ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اج کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ذيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.

20